
# جماعت ڇڏڻ جون وعيدون

هفتہ وار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سنتن ڀريو بيان



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# جماعت چڏڻ جون وعيدون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه      وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه      وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

نبي پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جيڪو شخص مون تي درود پاڪ موڪليندو آهي تہ جيستائين اهو درود شريف موڪليندو رهندو آهي، فرشتا ان جي لاءِ دعاءِ رحمت ڪندا رهندا آهن هاڻي ان جي مرضي آهي گهٽ پڙهي يا وڌيڪ.“ (مسند امام احمد، ج 5 ص 324، حديث 15680)

قلیل روزی پہ دو قناعت، فُضول گوئی سے دیدو نفرت

دُرود پڑھتا رہوں بکثرت، نبیِّ رحمت شفیعِ اُمّت

(وسائلِ بخشش)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب!      صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ"يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي سوڙهو يا سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِا لْحِكْمَةِ وَ الْمَوْ عِظَةِ الْحَسَنَةِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنھنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي ھن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة[1] يعني "منھنجي طرفان پھچايو جيتوڻيڪ ھڪ ئي آيت ھجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙھڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالھائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنھنجي علم جو رُعب ويھارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالھائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺھڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاھون جھڪائي رکندس. صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

[1] ...بخاری، ڪتاب احاديث الانبياء،باب ماذکر عن بنی اسرائيل،462/2،حديث:3461



www.dawateislami.net

## باجماعت نماز جي فضيلت

**دعوتِ اسلامي** جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 2 جلدن تي مشتمل ڪتاب "**عيون الحڪايات**" جنهن ۾ پياريون پياريون نصيحت پريون حڪايتون ئي حڪايتون آهن، حڪايتن پري هن عظيم ڪتاب جي جلد نمبر 2 ۾ حڪايت نمبر 273 آهي تہ حضرتِ سَيِّدُنا عُبيدُ الله بن عُمر قَوَاريري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: "مون هميشہ عشاء جي نماز جماعت سان ادا ڪئي، پر افسوس! هڪ ڀيري منهنجي عشاء جي جماعت فوت ٿي وئي، ان جو سبب هي ٿيو تہ مون وٽ هڪ مهمان آيو، آئون ان جي مهمان نوازي ۾ مصروف رهيس، فراغت کان پوءِ جڏهن مسجد پهتس تہ جماعت ٿي چڪي هئي. هاڻي آئون سوچڻ لڳس تہ اهڙو ڪهڙو عمل ڪجي، جنهن سان ان نقصان جي تلافي ٿئي. يڪدم مونکي الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي فرمانِ عاليشان ياد آيو تہ "باجماعت نماز، اڪيلي جي نماز تي ايڪيهہ (21) درجا فضيلت رکندي آهي. اهڙي طرح پنجويهہ (25) ۽ ستاويهہ (27) درجا فضيلت جي حديث بہ مروي آهي. (صحيح البخاري، كِتَابُ الاذان، باب فضل صلاة الجماعة، ج١،ص:٢٣٢،حديث٦٤٥.٦٤٦،"لم اجد"باحدي وعشرين") مون سوچيو، جيڪڏهن آئون ستاويهہ (27) ڀيرا نماز پڙهي وٺان تہ شايد جماعت رهجي وڃڻ سان جيڪا ڪمي ٿي، سا پوري ٿي وڃي. اهڙي طرح مون ستاويهہ (27) ڀيرا عشاء جي نماز پڙهي، پوءِ مون کي ننڊ اچي وئي، مون خود کي ڪجهہ گهوڙي سُوارن سان گڏ ڏٺو تہ اسان سڀ ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون، ايتري ۾ هڪ گهوڙي سوار مون کي چيو: "تون پنهنجي گهوڙي کي



www.dawateislami.net

مشقت ۾ نہ وجھہ بي شڪ تون اسان سان نہ تو ملي سگھين.“ مون چيو: ”آئون توھان سان ڇو نہ تو ملي سگھان؟“ چيائون: ان لاءِ جو اسان عشاء جي نماز باجماعت ادا ڪئي آھي.

(عيون الحكايات،ج ۲، ص: ۹۴)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## نماز جي فرضيت:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ جماعت رھجي وڃڻ ڪان پوءِ جيڪڏھن ڪو ان نماز کي 27 ڀيرا پڙھي بہ وٺي تڏھن بہ باجماعت نماز پڙھڻ جي ثواب جي برابر نہ ٿو پھچي سگھي. يقينًا باجماعت نماز پڙھڻ جون پنھنجون ئي برڪتون آھن جيڪي بغير جماعت جي حاصل نہ ٿيون ٿي سگھن. تنھنڪري اسان کي بہ گھرجي تہ باجماعت نماز جي ادائيگي جي لاءِ وقت جي پابندي جو خاص خيال رکون ۽ پنھنجي ڪم ڪار، اھل و عيال ۾ بين مصروفيتن تي نماز کي فوقيت ڏيون، ڇو جو ڪو عمل نماز کان وڌيڪ اھميت وارو نہ ٿو ٿي سگھي.

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سيپاري 28 سُوْرَةُالْمُنٰفِقُوْن جي آيت نمبر 9 ۾ اِرشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُلْهِكُمْ اَمْوَالُكُمْ وَ لَاۤ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ۚ وَ مَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ۝۹

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ توھان کي غافل نہ ڪري توھان جو مال نہ توھان جو اولاد نہ ئي ڪا بي شيءِ اللّٰه جي ذڪر کان ۽ جيڪو ايئن ڪندو پوءِ اھي ئي ماڻھو نقصان ۾ آھن.



www.dawateislami.net

مفسرينِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰہ تَعَالٰی جي هڪ جماعت جو قول آهي ته ان آيتِ مبارڪ ۾ ”ذِڪر الله“ مان مراد پنج (5) نمازون آهن، تنهنڪري پنهنجي مال مثلاً خريد ۽ فروخت يا پنهنجي اولاد جي سبب نمازن کي وقت تي ادا ڪرڻ کان غافل رهندو اهو خساري وارن مان ٿيندو.
(ڪتاب الڪبائر،الڪبيرة الرابعة في ترڪ الصلوٰة، ص٢٠)

هڪ ٻئي هنڌ تي نماز نه پڙهڻ وارن جي باري ۾، سيپاري 29 سُوْرَةُ الْمُدَّثِّرْ ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

مَا سَلَكَكُمْ فِيْ سَقَرَ ﴿٤٢﴾ قَالُوْا لَمْ نَكُ مِنَ الْمُصَلِّيْنَ ﴿٤٣﴾

**ترجموڪنزالايمان:** توهان کي دوزخ ۾ ڪهڙي ڳالهه وٺي وئي انهن چيو اسان نماز نه پڙهندا هئاسين.

سَيِّدُ الْمُبَلِّغِين، رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِيْن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”ٻانهي کان قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهرين جنهن عمل جي باري ۾ حساب ورتو ويندو، اهو ان جي نماز هوندي. جيڪڏهن ان جي نماز درست ٿي ته اهو نجات ۽ ڪاميابي ماڻيندو ۽ جيڪڏهن ان ۾ ڪمي ٿي ته اهو شخص خوار ۽ برباد ٿي ويندو.“ (جامع الترمذي، ابواب الصلوٰة ......الخ،باب ما جاء ان اوّل ما يحاسب......الخ، ج١، ص٤٢١، حديث :٤١٣،مختصرًا)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! احاديثِ مبارڪ ۾ به نماز جو طريقو، نماز پڙهڻ جا فضائل ۽ نه پڙهڻ جون وعيدون به بيان ٿيون آهن، جنهن مان چڱي نموني نماز جي اهميت جو اندازو ٿئي ٿو. مديني جي تاجدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ ٻانهن تي پنج (5) نمازون فرض فرمايون آهن، جنهن انهن کي ادا ڪيو ۽ انهن جي حق کي معمولي سمجهندي انهن مان ڪنهن کي ضايع نه



www.dawateislami.net

ڪيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ذمہ ڪرم تي ان جي لاءِ واعدو آهي تہ ان کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏي ۽ جنهن انهن کي ادا نہ ڪيو ان جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي ذمہ ڪرم تي عهد (واعدو) ناهي، چاهي ان کي عذاب ڏئي چاهي ان کي جنت ۾ داخل فرمائي.

(سنن ابي داؤد،ڪتاب الوتر، باب فيمن لم يوتر، الحديث:١٤٢٠، ج٢، ص٨٩)

نارِ جہنم سے تُو اماں دے
خُلدِ بَریں دے باغِ جناں دے
واسِطہ نُعماں بن ثابِت کا
یااللہ مِری جھولی بَھر دے (وسائل بخشش)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## نماز جماعت سان ادا ڪريو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قرآنِ پاڪ ۽ احاديثِ مبارڪ ۾ جتي بہ نماز جي ادائگي جو حڪم آيو آهي، ان مان مراد نماز کي سمورن فرائض ۽ واجبات سان گڏ ادا ڪرڻ آهي ۽ نماز جي واجبات مان اهو بہ آهي تہ ان کي جماعت سان گڏ ادا ڪيو وڃي. سيپاري 1، سُوْرَةُ الْبَقَرَة جي آيت نمبر 43 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَارْكَعُوْا مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ﴿۴۳﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ نماز قائم رکو ۽ زڪواة ڏيو ۽ رڪوع ڪندڙن سان گڏ رڪوع ڪريو.



www.dawateislami.net

تفسيرِ خازن ۾ آهي: ان آيت ۾ بہ نماز باجماعت ادا ڪرڻ جي رغبت ڏياري وئي آهي، جڏهن تہ فرمايو: نماز پڙهڻ وارن سان گڏ جماعت سان نماز پڙهو. (تفسير الخازن، پ١، البقرة: تحت الاية، ١ /٤٩)

هڪ ٻئي هنڌ تي الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 29 سُوْرَةُ الْقَلَمْ جي آيت نمبر 42،43 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يَوْمَ يُكْشَفُ عَنْ سَاقٍ وَّ يُدْعَوْنَ اِلَى السُّجُوْدِ فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ﴿۴۲﴾ خَاشِعَةً اَبْصَارُهُمْ تَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ وَقَدْ كَانُوْا يُدْعَوْنَ اِلَى السُّجُوْدِ وَهُمْ سٰلِمُوْنَ ﴿۴۳﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** جنهن ڏينهن هڪ ساق کولي ويندي (جنهن جي معنيٰ الله کي معلوم) ۽ سجدي جي واسطي سڏيا ويندا پوءِ نہ ڪري سگهندا پنهنجي نظر جهڪي رکندي انهن تي ذلت چڙهيل هوندي ۽ بيشڪ دنيا ۾ سجدي جي واسطي سڏيا ويندا هئا جڏهن چڱا ڀلا هئا.

حضرت ابراهيم تيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه، الله عَزَّوَجَلَّ جي ان فرمان جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: "اهو قيامت جو ڏينهن هوندو، ان ڏينهن شرمندگي واري ذلت ٿيندي، ڇو جو دنيا ۾ جڏهن سجدن جي طرف گهرايا ويندا هئا تہ هي تندرست هئڻ جي باوجود نماز ۾ حاضر نہ ٿيندا هئا. حضرتِ سَيِّدُنا ڪَعبُ الأحبار رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ارشاد فرمائن ٿا: "خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! هي آيتِ مبارڪ جماعت کان پوئتي رهڻ وارن جي ئي باري ۾ نازل ٿي آهي ۽ بغير عذر جي جماعت ڇڏڻ وارن جي لاءِ ان کان وڌيڪ سخت کهڙي وعيد هوندي." (تفسير قرطبي، سورة القلم، تحت لآية ٤٢،٤٣، ج٩،ص١٨٧،ملتقطاً)



www.dawateislami.net

## باجماعت نماز جي ادائگي:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته ان آيتِ مبارڪ ۾ بغير عذر جماعت سان نماز نه پڙهڻ هڪ اهڙو عمل آهي جنهن جي سبب سياڻي قيامت جي ڏينهن عذاب، ذلت ۽ خواري مقدر بڻجي سگهي ٿي. تنهن جي ڪري بغير شرعي عذر جي مسجد جي جماعت نه ڇڏڻ گهرجي. اچو ته! ان جي اهميت ڄاڻڻ جي لاءِ ڪجهه احاديثِ مبارڪ ٻڌون ٿا:

## جيڪڏهن جماعت فوت ٿي وڃڻ جو نقصان ڄاڻي وٺي ها ته...

حضرتِ سَيِّدُنا ابُواُمامه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، سرڪارِ مدينه، سرورِ قلب و سينه صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”جيڪڏهن نماز باجماعت کان پوئتي رهڻ وارو هي ڄاڻي وٺي ها ته ان ڇڏڻ واري جي لاءِ ڇا آهي؟ ته گهلجندي حاضر ٿئي ها. (المعجم الکبير، ج٨، ص٢٢٤، الحديث:٧٨٨٦)

حضرتِ سَيِّدُنا ابُودَرداء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، تاجدارِ مدينه، سرورِ سينه صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”ڪنهن (ڳوٺ) (شهر) يا جهنگ ۾ ٽي (3) شخص هجن ۽ (باجماعت) نماز قائم نه ڪئي وئي پر شيطان انهن تي مسلّط ٿي ويو. ته جماعت کي لازم ڄاڻو ته بگهڙ ان ٻڪري کي کائي ويندو آهي جيڪا ڌڻ کان پري هجي.

(سنن نسائي، ص١٤٧،الحديث:٨٤٤)

شارحِ بخاري حضرت علامه بدرُالدِّين عَيني حَنفي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: حديث مان مراد هي آهي ته جماعت ڇڏڻ واري تي شيطان غالب اچي ويندو آهي ۽ ان تي پنهنجو قبضو جمائي وٺندو آهي، جيئن



www.dawateislami.net

بگھڙ ڌڻ کان الڳ ٿيڻ واري ٻڪري تي قابض ٿي ويندو آهي ۽ حديث ۾ ٽن جو ذڪر ان لاءِ آهي ته جمع گهٽ ۾ گهٽ ٽن تي ڳالهائي ويندي آهي ۽ ٽن شخصن جي ذريعي ئي جُمعو قائم ٿي سگھي ٿو، گڏوگڏ ان حديثِ پاڪ مان اها ڳالھ سمجھ ۾ اچي ٿي ته جيڪڏھن ٻه شخص ڪنهن جڳھ تي هجن ۽ اهي الڳ الڳ نماز پڙهن ته گناهگار نه ٿيندا.

(شرح ابوداؤدللعيني، ١٨/٣)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جماعت سان گڏ نماز پڙهڻ سان جتي مسلمانن جي پاڻ ۾ محبت ۽ باهمي اُنس ۾ اضافو ٿيندو آهي اُتي نماز جو ثواب ٻه ڪيئي ڀيرا وڌي ويندو آهي. احاديثِ مبارڪ ۾ ڪيترين ئي جڳهن تي جماعت سان نماز پڙهڻ وارن جي لاءِ گھڻي ثواب ۽ بي شمار انعامن جون بشارتون بيان ٿيون آهن. اچو ته چار (4) فرمانِ مصطفٰي صَلَّي اللّٰہ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا.

1. جنهن ڪامل وُضو ڪيو، پوءِ فرض نماز جي لاءِ هليو ۽ امام جي اقتداء ۾ فرض نماز پڙهي، ان جا گناهـ بخشيا ويندا.

(صحيح ابن خزيمه،٢/٣٧٣، حديث ١٤٨٩)

2. الله عَزَّوَجَلَّ باجماعت نماز پڙهڻ وارن کي محبوب رکندو آهي.

(مسند احمد، ٢/٣٠٩،الحديث:٥١١٢)

3. باجماعت نماز اڪيلي نماز پڙهڻ کان 27 درجا افضل آهي.

(صحيح البخاري، ڪتاب الاذان، باب فضل صلاة الجماعة، الحديث:٦٤٥، ١/٢٣٢)

4. جڏهن ٻانهو باجماعت نماز پڙهي، پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ کان پنهنجي حاجت جو سُوال (طلب) ڪري ته الله عَزَّوَجَلَّ ان ڳالھ کان حيا فرمائيندو آهي ته ٻانهو حاجت پوري ٿيڻ کان پهريان واپس موٽي وڃي.

(حلية الاولياء، ٧/٢٩٩،الحديث١٠٥٩١)



www.dawateislami.net

مِیں ساتھ جماعت کے پڑھوں ساری نمازیں
اللہ! عبادت میں مِرے دل کو لگا دے

(وسائلِ بخشش)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ٻڌو ته باجماعت نماز پڙهڻ جا ڪيتري قدر فضائل آهن. جماعت سان نماز پڙهڻ وارو ڪيترو خوش نصيب آهي جو ان کي جماعت ۾ شريڪ ٿيڻ جي سبب ستاويهه (27) ڀيرا وڌيڪ ثواب ملندو آهي، اهڙو شخص الله عَزَّوَجَلَّ جو محبوب ٻانهو بڻجي ويندو آهي، ان جي دعائن کي قبوليت جو شرف ملندو آهي ۽ نماز جي ارادي سان گهر کان نڪرڻ تي وِک وِک تي نيڪيون ملنديون آهن، جيستائين اهو جماعت جي انتظار ۾ وينو رهي، ان کي نماز جو ثواب ملندو رهندو آهي. ۽ جيڪو چاليهه (40) نمازون جماعت سان پڙهڻ وارو بڻجي وڃي ان جا ته ڀاڳ ئي ڀلا آهن. جيئن ته

مٺي مٺي مصطفٰي، ڪعبي جي بدرُالدّجیٰ، طيبه جي شمسُ الضُّحٰی صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ چاليهه (40) ڏينهن باجماعت (نماز) پڙهي ۽ تڪبير اولٰي حاصل ڪري، ان جي لاءِ ٻه آزاديون لکيون وينديون، هڪ نار (يعني دوزخ) کان، ٻي نفاق کان.

(جامع الترمذي"، أبواب الصلاة، باب ماجاء في فضل التكبيرة الأولٰي، الحديث: ۲۴۱، ج۱، ص۲۷۴)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو! چاليهه (40) ڏينهن تائين تڪبيرِ اولٰي سان گڏ نماز پڙهڻ وارو نه صرف نفاق (يعني منافقت) جهڙي بُري



www.dawateislami.net

خصلت کان محفوظ ٿي ويندو آهي بلڪ جهنم جي باھ کان بہ امان ملندو آهي. حضرتِ سَيِّدُنا امام شرفُ الدِّين حُسين بن محمد طيبي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: نفاق کان ڇوٽڪاري جو مطلب هي آهي تہ اهو دنيا ۾ منافق جهڙن عملن کان محفوظ رهندو ۽ ان کي مخلصن جهڙا اعمال ڪرڻ جي توفيق ملندي ڳڏوڳڏ آخرت ۾ جهنم جي باھ کان امن ۾ رهندو جنهن کان منافق کي امان ڏنو ويندو يا وري مراد هي آهي تہ ان جي لاءِ هن ڳالھ جي گواهي ڏني ويندي تہ هي منافق نہ آهي. ڇو جو منافق جڏهن نماز جي لاءِ بيهندا آهن تہ سُستي سان بيهندا آهن جڏهن تہ هن جو حال ان جي برعڪس آهي. (شرح الطيبي ، ج ٣ ص ٤٥)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! باجماعت نماز جي ايتري قدر برڪتن ۽ فضيلتن جي باوجود سُستي ڪرڻ ۽ جماعت سان نماز نہ پڙهڻ ڪيتري قدر تعجب واري ڳالھ آهي؟ پر افسوس! جماعت جي پرواھ نہ ڪئي ويندي آهي، بلڪ نماز بہ جيڪڏهن قضا ٿي وڃي تہ ڪو ڏُک ناهي، پر اسان جي اسلاف جي اها حالت هوندي هئي تہ انهن جي ڪڏهن تڪبيرِ اولٰي فوت ٿي ويندي هئي تہ انهن کي ايتري قدر صدمو پهچندو هو جيئن ڪو وڏو نقصان ٿي ويو هجي. هي حضرات دُنْياوَمَافِيْهَا (يعني هي دنيا ۽ ان ۾ جيڪو ڪجھ آهي) کان تڪبيرِ اولٰي کي وڌيڪ اهم سمجهندا هئا ۽ حقيقت بہ اها آهي. جيئن تہ حضرتِ سَيِّدُنا اِمام محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مروي آهي تہ سَلَف صالحين يعني اڳوڻن بزرگن جي ويجهو نماز جي ايتري قدر اهميت هئي جو جيڪڏهن ان مان ڪنهن جي تڪبيرِ اولٰي فوت ٿي ويندي هئي تہ ٽن (3) ڏينهن تائين ان جو افسوس



www.dawateislami.net

ڪندا رهندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي ڪڏهن جماعت فوت ٿي ويندي هئي تہ ان جو ستن (7) ڏينهن تائين غم ڪندا هئا. (مڪاشفة القلوب، ص ٢٦٨)
اسان ڪي بہ گهرجي تہ اسان بہ پنهنجي اندر نمازِ باجماعت جي اهميت ۽ ان جي محبت پيدا ڪريون ۽ پهنجن ٻارن کي بہ شروع کان ئي نماز پڙهڻ جي عادت وجهون.

## تڪبيرِ اوليٰ ڇڏڻ تي پُڇا ڳاڇا

امام مجاهد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بيان ڪن ٿا: هڪ بدري صحابيِ رسول رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن پنهنجي پُٽ کان پڇيو: تو اسان سان گڏ (باجماعت) نماز پڙهي؟ پُٽ عرض ڪيو: جي ها! انهن ٻيهر پڇيو: توکي تڪبيرِ اولٰي ملي؟ پُٽ عرض ڪيو: نہ! ارشاد فرمايائون: باجماعت نماز جو جيڪو حصو توکان رهجي ويو، اهو ڪارين اکين وارين سو (100) ڏاچين کان بهتر آهي. (مصنف عبدالرزاق، ٣٩١/١، حديث٢٠٢٥)

## پُٽ کي مسجد ۾ رهڻ جي تلقين

حضرتِ سَيِّدُنا ابُودَرداء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن پنهنجي پُٽ کي نصيحت ڪندي ارشاد فرمايو: پُٽ! مسجد تنهنجو گهر هئڻ گهرجي، بي شڪ مون حبيب رَبِّ ذُوالْجلال، بي بي آمِنہ جي لال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻُڌو تہ مسجدون پرهيزگارن جي لاءِ گهر آهن ۽ جنهن جو گهر مسجد هجي، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي مغفرت، رحمت ۽ جنت جي طرف وڃي وڃڻ واري پل صراط کان باحفاظت گذارڻ جو ضامن ٿيندو آهي.
(مصنف ابن ابي شيبه، ١٧٢/٨، حديث١)



www.dawateislami.net

## وار ڪوڙائي ڇڏيا!

حضرتِ سَيّدُنا صالح بن ڪَيسان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جنهن ديانت ۽ محنت سان پنهنجي شاگردِ رشيد حضرتِ سَيّدُنا عُمر بن عبدُالعَزيز عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْعَزِيز جي ڪردار ۽ گفتار جي نگراني ڪئي، هن جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته هڪ ڀيري حضرتِ سَيّدُنا عُمر بن عبدُالعَزيز عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْعَزِيز باجماعت نماز ۾ شريڪ نه ٿي سگهيا. اُستادِ محترم سبب پڇيو ته ٻڌايائون: ”آئون ان وقت ڪنگهي ڪري رهيو هئس.“ بي چين ٿي ڪري چيو: ”وارن کي سنوارڻ کي نماز تي ترجيح ڏين ٿو!“ ۽ ان ڳالهه جي خبر مصر ۾ سندن جي والدِ محترم کي ڏني، انهن انهي وقت پنهنجو خاص ماڻهو پُٽ کي سزا ڏيڻ لاءِ موڪليو، جنهن مديني شريف پهچندي ئي سڀ کان پهرين انهن جا وار ڪوڙايا پوءِ ٻي ڳالهه ڪئي. (سيرت ابن جوزي ص۱۴) انهي تعليم ۽ تربيت جو نتيجو هو ته توهان جي شخصيت ان تمام اخلاقي بُرائين کان پاڪ هئي، جن ۾ ان وقت جا ڪيترائي نوجوان مبتلا هئا.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان حڪايت ۾ ان والدين جي لاءِ درس جا مهڪندڙ مهڪندڙ مدني گُل آهن جيڪي پنهنجي اولاد تي مناسب توجه نه ڏيندا آهن، انهن کان دنيوي تعليم جي باري ۾ پُڇا ڳاڇا ڪندا آهن پر نمازن جي ادائگي جي ترغيب ناهن ڏيندا، ياد رکو! اولاد جي تربيت صِرف ان شيءِ جو نالو ناهي جو انهن کي کاڌي پيتي ۽ لباس جهڙي ضرورتن ۽ آسائشن ۾ رکيو وڃي بلڪ انهن کي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مطيع ۽ فرمانبردار بنائڻ جي ڪوشش



www.dawateislami.net

ڪرڻ بہ والدين جي ذميدارين ۾ شامل آهي، اڄ جي هن پُرفتن دور ۾ ٻارن جي تربيت جي اهميت اڃا وڌي وڃي ٿي جو هينئر جدّت پسندي جي رنگينيون ۽ فريب ڪاريون مسلم معاشري کي ٿي وي، ڊش انٽينا، ڪيبل نيٽ ورڪ، انٽرنيٽ، سوشل ميڊيا (Social Media)، جنسي ۽ روماني ناولن، موبائل جي غلط استعمال (Miss Use)، بُرن دوستن ۽ گناهن ڀريئي محفلن جي صورت ۾ گهيريل آهن. تفريح ۽ عام معلومات ۾ اضافي جي نالي تي هي اسباب بي حيائي کي جنهن تيزي سان وڌائي رهيا آهن هي ڪنهن کان لڪيل ناهي. ان تباهہ ڪندڙ ماحول ۾ مدني مُنن ۽ مدني منين کي اسلامي معاشري جو مفيد فرد بنائڻ جي لاءِ ان جي بهترين تربيت بي حد ضروري آهي. اولاد جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو پاڻ کي بہ ۽ پنهنجي تمام گهر ڀاتين کي بہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ڪرڻ آهي. ڇو جو جڏهن اسان پاڻ ان مدني ماحول سان وابستہ ٿينداسين، مسجد ڀريو تحريڪ ۾ باقاعده شامل ٿي ڪري نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائينداسين، مدني انعامات جي مطابق زندگي گذارڻ جو مدني ذهن ٺاهينداسين، مدني قافلن ۾ سفر ڪنداسين ۽ ڪرائينداسين، گهر ۾ گناهن ڀريا چينلز هلائڻ جي بدران، اليڪٽرانڪ مبلغ، 100 سيڪڙو اسلامي چينل يعني "**مدني چينل**"ئي کي پنهنجي گهر ۾ هلائينداسين تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان اميد آهي تہ سڀ کان پهرين اسان جي پنهنجي تربيت جو سامان ٿيندو، پوءِ ان جي برڪت سان پنهنجي اولاد جي مدني تربيت ڪرڻ بہ آسان ٿيندي. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ ٻارن جي سنتن جي مطابق تربيت ڪرڻ جي لاءِ **دارُالمدينہ**، **جامعة المدينہ** ۽ **مدرسة المدينہ**



www.dawateislami.net

قائم آهن، جتي مدني منن ۽ مدني منين جي سُنتن جي مطابق صحيح تربيت ڪئي ويندي آهي. اولاد جي تربيت جي حوالي سان مزيد مدني گُل حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 188 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**تربيتِ اولاد**" مڪتبة المدينہ کان حاصل ڪري مطالعو فرمائي وٺو! هن ڪتاب ۾ ٻارن جي تربيت جي سلسلي ۾ قرآن ۽ حديث ۽ بزرگانِ دين جي فرمانن جي خوشبو سان معطر مدني گُل ٻار جي پيدائش کان وٺي ان جي شادي تائين جا سڀ معاملا ۽ زندگي جا مختلف آداب بيان ڪيا ويا آهن. هن ڪتاب کي نہ صرف خود پڙهو بلڪ ٻين کي بہ ان جي مطالعي جي ترغيب ڏياري ثوابِ جاريہ جا حقدار بڻجو.

خاص طور تي ٻارن ۽ عام طور تي وڏن جي تربيت جي حوالي سان وقت بوقت اميرِ اهلسُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي طرفان مختلف موضوعن تي مشتمل رسالا شايع ٿيندا رهندا آهن، مثلاً هاڻي تائين چار رسالا منظرِ عام تي اچي چڪا آهن، اهي چار (4) رسالا ڪهڙا آهن؟ تي سگهي تہ پاڻ وٽ لکي ڇڏيو ۽ اڄ ئي مڪتبة المدينہ کان طلب ڪريو، انهن رسالن جي مطالعي جي تربيت جي حوالي سان مفيد معلومات حاصل ٿيندي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

اُهي چار (4) رسالا هي آهن: **(1)** نور وارو چهرو **(2)** فرعون جو خواب **(3)** ڪوڙو چور **(4)** پٽ هجي تہ اهڙو

يارَبّ بچا لے تُو مجھے نارِ جَحِيم سے
اَولاد پہ بھی بلکہ جَہنَّم حرام ہو
(وسائل بخشش ص۹۸۱)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## عقلمند ڪير؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقينًا عقلمند اهو ئي آهي جيڪو نہ صرف خود دين جي احڪامن تي عمل پيرا هجي بلڪ پنهنجي اولاد کي سنتن جي پيروي ڪرڻ وارو بڻائي ۽ باجماعت نماز جي اهميت ٻُڌائي، ڇو جو سڀني عبادتن مان اهم عبادت نماز آهي ۽ اها ئي نجات جو ذريعو ۽ جنت جي ڪنجي آهي، تنهن لاءِ نماز جي ڀرپور حفاظت ڪرڻ گهرجي ۽ ان کي وقت تي جماعت سان گڏ ادا ڪرڻ گهرجي. عام طور تي ڏٺو ويندو آهي تہ ماڻهو گهر ۾ ئي نماز پڙهي وٺندا آهن ۽ مسجد جي حاضري کان پاسو ڪندا ۽ فقط سُستي جي سبب وڏي ثواب کان محروم ٿي ويندا آهن. ياد رکو! هر عاقل، بالغ، حُر (آزاد)، قادر تي جماعت واجب آهي، بغير ڪنهن عذر جي هڪ ڀيرو ڇڏڻ وارو گنهگار ۽ سزا جو حقدار آهي ۽ ڪيئي ڀيرا ڇڏڻ وارو تہ فاسق مردود الشهادة (يعني ان جي گواهي مقبول ناهي) ۽ ان کي سخت سزا ڏني ويندي، جيڪڏهن پاڙيسري خاموش رهيا تہ اهي بہ گنهگار ٿيا. (بهارِشريعت،ج۱،ص۵۸۲)

باجماعت نماز جي اهميت کي هن طرح سمجهو تہ جيڪڏهن اسان کي معلوم ٿي وڃي تہ اسان وٽ جيڪو مال آهي، اهو پنهنجي شهر هڪ روپي ۾ وڪرو ٿيندو پر ان کي سمنڊ پار وڃي وڪرو ڪيو وڃي تہ 27 روپين ۾ وڪرو ٿيندو، تہ شايد هر شخص سمنڊ پار وڃي پنهنجو مال وڪري ڪرڻ کي ترجيح ڏئي، ڇو جو 27 ڀيرا وڌيڪ نفعو ڇڏڻ ڪوبہ پسند نہ ڪندو، پر تعجب آهي تہ ڪجهہ قدم هلي مسجد ۾ باجماعت نماز ادا ڪرڻ تي 27 ڀيرا وڌيڪ ثواب ملندو آهي پر ماڻهو



www.dawateislami.net

ان جي پرواهه نہ ڪندي بغير ڪنهن شرعي عذر جي جماعت ڇڏي ڏيندا آهن. جڏهن تہ صحابہء ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو هي معمول هو تہ جماعت حاصل ڪرڻ جي لاءِ هڪ هڪ ميل هلي ڪري مسجد ۾ ايندا هئا.

حضرت سَيِّدُنا ابُو زُبَير رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا: مون حضرت سَيِّدُنا جابِر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان ٻُڌو، انهن ارشاد فرمايو: تہ اسان جو گهر مسجد کان پري هو تہ اسان پنهنجي گهر کي وڪڻڻ جو ارادو ڪيو تہ جيئن اسان مسجد جي ويجهو ٿي وڃون، تہ رسول الله صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اسان کي منع فرمائي ڇڏيو ۽ ارشاد فرمايو: توهان کي هر قدم جي بدلي ثواب ملندو آهي. (صحيح مسلم، ص٣٣٥، الحديث ٦)

سُبۡحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! صحابہء ڪِرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ۾ باجماعت نماز ادا ڪرڻ جو ڪيترو زبردست جذبو هو، واقعي پنج ئي وقت هڪ هڪ ميل جو سفر ڪري اچڻ آسان ڪم ناهي ۽ پوءِ جذبہء اِطاعت تہ ڏسو جو فقط ان لاءِ مسجدِ نبوي شريف جي ويجهو گهر نہ خريد ڪيو تہ جيئن پري کان اچڻ ۾ وڌيڪ ثواب حاصل ٿئي! ان جي برعڪس اسان جو هي حال آهي جو اسان جي گهر جي ويجهو مسجدون موجود آهن، مسجد ٿوري پَري هجي ۽ پنڌ وڃڻ ۾ سُستي ٿئي تہ گاڏي، موٽرسائيڪل جي ذريعي وڃڻ جي ترڪيب ٻڻجي سگهي ٿي، مسجدن ۾ بہ ضروري سهولتون ميسّر آهن پر بدقسمتي سان پوءِ بہ جماعت سان نماز نہ ٿي پڙهي وڃي. اهي ماڻهو جيڪي فقط سستي جي سبب جماعت سان نماز ناهن پڙهندا، انهن کي گهرجي تہ توجہ سان هي حديثِ پاڪ ٻڌن ۽ بار بار هن تي غور ڪن ۽ عبرت جا مدني گُل چونڊي ڪري سُستي ۽ غفلت کان جان ڇڏائيندي، نمازِ باجماعت جي پابندي جو ذهن ٺاهئن.



www.dawateislami.net

رحمت واري آقا، مڪّي مدني مصطفٰي صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪجھ نمازن ۾ ڪجھ ماڻھن کي غير حاضر ڏٺو تہ ارشاد فرمايائون: آئون چاھيان ٿو تہ ڪنھن شخص کي حڪم ڏيان تہ اھو نماز پڙھائي، پوءِ آئون انھن ماڻھن ڏانھن وڃان جيڪي نمازِ (باجماعت) کان پوئتي رھجي ويندا آھن ۽ انھي ڪري انھن جي گھرن کي باھ لڳايان.

(صحيح مسلم، ڪتاب المساجد...الخ،باب ڪراھية تاخيرِ الصلاة...الخ، الحديث:۲۵۱-۲۵۲،ص۳۲۷)

نَمازوں میں مجھے ہرگز نہ ہو سستی کبھی آقا
پڑھوں پانچوں نَمازیں باجماعت یارسولَ اللہ

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪي پنھنجي اُمّت سان بي حد پيار فرمائن ٿا ۽ سڄي سڄي رات اُمّت جي بخشش ۽ مغفرت جي لاءِ لڙڪ وھائيندا آھن، اھڙا شفيق ۽ ڪريم آقا صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن شانِ جلال ۾ فرمايو: جيڪي ماڻھو جماعت سان نماز نہ ٿا پڙھن ، منھنجي دل چاھي ٿي تہ انھن جي گھرن کي باھ لڳايان. ياد رھي! ان واقعي مان ڪو ھي نہ سمجھي تہ مَعَاذَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جماعت سان نماز نہ پڙھندا ھئا، مُفسّر شھير، حڪيمُ الأمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان انھي ڳالھ جي وضاحت ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: اتي ڳالھ جو رُخ منافقن جي طرف آھي، ڇو جو ڪوبہ صحابي بغير سبب جي جماعت ۽ مسجد جي حاضري نہ ڇڏيندا ھئا. (مرأة المناجيح شرح مشكاة المصابيح: ۲/۱٦۸) صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان تہ معذور ھئڻ جي باوجود بہ مسجد ۾ باجماعت نماز ادا ڪرڻ



www.dawateislami.net

ايندا هئا. حضرت سَيِّدُنا اِبنِ اُمّ مڪتوم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن بارگاهِ نبوي عَلٰي صاحِبِهَاالصَّلوٰةُ وَالسَّلَام ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو: ”يارسول الله صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مديني شريف ۾ موذي جانورن جي ڪثرت آهي جڏهن ته آئون نابين آهيان ۽ گهر به پَري آهي ۽ ڪو مناسب رهنما به ناهي، جيڪو مونکي وٺي اچي سگهي ته ڇا مونکي گهر ۾ نماز پڙهڻ جي اجازت آهي؟ “ ته پاڻ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيو: ”ڇا تون اذان جو آواز ٻڌندو آهين؟ “ انهن عرض ڪيو: ”جي ها “ ته پاڻ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”بس تون حاضر ٿيندو ڪر ڇو جو تنهنجي لاءِ ڪا گنجائش نه ٿو ڏسان“

(سنن ابي داؤد، ڪتاب الصلاة ،باب التشديد في ترڪ الجماعة ،ج١، ص ٢٢٩ ، الحديث ٥٥٢)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿورو غور فرمايو ته حُضُور نبي ڪريم صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت سَيِّدُنا اِبنِ اُمّ مڪتوم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي نابين هئڻ جي باوجود جماعت ڪان رخصت عطا نه فرمائي. اسان جا ته هٿ پير سلامت، اکين ۾ روشني موجود، اچڻ وڃڻ ۾ به ڪا ڏکيائي ناهي پوءِ به نفس ۽ شيطان جي ورغلائڻ ۾ اچي فقط غفلت ۽ سُستي جي سبب باجماعت نماز جيڪي نادان نه ٿا پڙهن ۽ جيڪي ماڻهو جماعت سان نماز پڙهندا به آهن، انهن مان جيڪڏهن ڪي دعوت ۾ هليا وڃن ته ڪاڏو ختم ٿي وڃڻ جي خوف ۽ بهترين ڪاڌا خوب پيٽ ڀري کائڻ جي لالچ جي سبب کائڻ ۾ اهڙا مشغول ٿي ويندا آهن جو نمازِ باجماعت جو هوش ئي ناهي رهندو. تنهنڪري ميزبان کي گهرجي ته جڏهن ڪنهن جي دعوت ڪري ته ان ڳالهه جو خيال ڪري ته انهي دوران ڪا



www.dawateislami.net

نماز نہ اچي، جيڪڏهن دير ٿي وڃڻ جي صورت ۾ يا نماز جو وقت ٿي وڃڻ جي صورت ۾ پوءِ پلي ڪيڏي بہ مصروفيت ڇو نہ هجي ، يڪدم ميزبان ۽ مهمان سڀ جا سڀ مسجد جو رُخ ڪن. جيستائين شرعي مجبوري نہ هجي مسجد جي جماعت ڇڏي گهر يا ڪنهن ٻي جڳهہ جماعت ڪري بہ ورتي تہ واجب جي ڇڏڻ جو گناهہ باقي رهيو.

## ڪُفرتي خاتمي جو خوف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! افطار پارٽين، شادي ۽ وليمي جي دعوتن، نيازن، ايصالِ ثواب جي اجتماعن ۽ نعت خوانين وغيره جي سبب فرض نمازن ۾ مسجد جي جماعتِ اولٰي (يعني پهرين جماعت) ڇڏڻ جي هرگز اجازت ناهي، ايستائين جو جيڪي ماڻهو گهر يا هال يا بنگلي جي ڪمپاؤنڊ وغيره ۾ تراويح جي جماعت قائم ڪندا آهن ۽ ويجهو مسجد موجود آهي، تہ انهن تي واجب آهي تہ پهرين فرض جي رڪعتون جماعتِ اولٰي سان گڏ مسجد ۾ ادا ڪن. جيڪي ماڻهو بغير شرعي عذر جي قدرت جي باوجود فرض نماز مسجد ۾ جماعتِ اولٰي سان گڏ ادا نہ ٿا ڪن انهن کي ڊڄي وڃڻ گهرجي.

حضرت سَيِّدُنا عبدُاللّٰه بن مسعود رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، ”جنهن کي هي پسند هجي تہ سڀاڻي اللّٰه تعالٰي سان مسلمان ٿي ڪري ملي تہ اهو پنج (5) نمازن (جي جماعت) جي اتي پابندي ڪري، جتي اذان ڏني ويندي آهي، ڇو جو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان جي نبي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ سُنَنِ هُدٰي (سُنتِ مُؤکّدہ) مشروع ڪيون ۽ هي (باجماعت) نمازون بہ سُنَنِ هُدٰي مان آهن ۽ جيڪڏهن توهان پنهنجي گهرن ۾ نماز پڙهي ورتي تہ جهڙي



www.dawateislami.net

طرح هي پويان رهڻ وارو گهر ۾ پڙهي وٺندو آهي تہ توهان پنهنجي نبي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنت کي ڇڏي ڏيندؤ ۽ جيڪڏهن پنهنجي نبي جي سُنت کي ڇڏي ڏيندؤ تہ گمراهہ ٿي ويندؤ.“

(مسلم شريف ج ۱ ص ۲۳۲رقم الحديث ۲۵۷)

ان حديث مبارڪ کان اشارو ملي ٿو تہ جماعت اولٰي جي پابندي ڪرڻ واري جو خاتمو بالخير ٿيندو ۽ جيڪو بغير شرعي سبب جي مسجد جي جماعتِ اولٰي ڇڏي ڏيندو آهي ان جي لاءِ مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪُفر تي خاتمي جو خوف آهي.

جيڪي ماڻهو خوامخواهہ سُستي جي سبب پوري جماعت حاصل نہ ڪندا آهن اهي توجّہ فرمائن تہ منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسُنت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا، جيڪڏهن اذان ٻڌي ڪري مسجد ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ اقامت جو انتظار ڪندو رهيو تہ گنهگار ٿيندو.“ (فتاويٰ رضويہ ج۷ ص ۱۰۲، البحرالرائق ج۱ ص ۶۰۴) فتاوٰي رضويہ شريف جي انهي صفحي تي آهي، ”جيڪو شخص اذان ٻُڌي ڪري گهر ۾ اقامت جو انتظار ڪندو رهيو، ان جي شهادت (يعني گواهي) قبول ناهي.“ (البحرالرّائق ج ۱ ص ۴۵۱)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي اڪثريت اهڙن ماڻهن جي آهي جيڪي بازار جي رنگينين ۾ دُڪانون سجائي ويهندا آهن، آفيسن وغيره ۾ مصروفيت جي نالي تي وقت گذاريو ويندو آهي، اذانون ٿي ويندیون آهن، جماعتون ختم ٿي ويندون آهن ۽ انهن کي ان جو احساس تائين نہ رهندو آهي ۽ جيڪي نماز پڙهندا بہ آهن تہ بي جماعت، ڪڏهن تہ ڳالهيون ناهيندي ۽ ڪم ڪار ڪندي جماعت تہ جماعت نماز تائين



www.dawateislami.net

ڇڏي ڏيندا آهن پر آه! ان جو افسوس بہ ناهي ٿيندو. الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي ويجهو جماعت جي اهميت وڏي کان وڏي سلطنت ملڻ کان بہ وڌيڪ هوندي هئي.

## نماز سلطنت کان بهتر

حضرتِ مَيمُون بن مِهران رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ مسجد ۾ آيا، انهن کي چيو ويو: ”جماعت ختم ٿي وئي ۽ ماڻهو وجي چڪا آهن“ هي ٻڌي ڪري ان جي زبان تي جاري ٿيو: اِنَّالِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رَاجِعُوْن، پوءِ فرمايو: ”منهنجي ويجهو ان (باجماعت) نماز جي فرضيت عراق جي حڪمراني کان وڌيڪ آهي.“
(مڪاشفة القلوب، ص ٢٦٨)

## جماعت رهجي وڃڻ ٻار جي موت کان سخت تر آهي

حضرت سَيِّدُنا حاتِم اَصَمّ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري منهنجي جماعت فوت ٿي وئي تہ صرف حضرتِ اَبُو اِسحاق بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن منهنجي تعزيت ڪئي ۽ جيڪڏهن منهنجو پُٽ فوت ٿئي ها تہ ڏهہ هزار (10000) کان وڌيڪ ماڻهو منهنجي تعزيت ڪن ها، افسوس! ماڻهن جي ويجهو دنيا جي مصيبت کان وڌيڪ دين جي مصيبت آسان ٿي وئي. (مڪاشفة القلوب،ص ٢٦٨)

## باغ مسڪينن تي صدقو ڪري ڇڏيو

حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا تہ ”حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ پنهنجي هڪ باغ جي طرف تشريف وٺي ويا، جڏهن واپس آيا تہ ماڻهن نمازِ عصر ادا ڪري چڪا هئا، هي ڏسي ڪري پاڻ



www.dawateislami.net

رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن اِنَّالِلّٰہِ وَاِنَّآاِلَیۡہِ رَاجِعُوۡن پڙهيو ۽ ارشاد فرمايو: ”منهنجي عصر جي جماعت فوت ٿي وئي آهي، تنهنڪري آئون توهان کي گواهه ٿو ڪريان ته منهنجو باغ مسڪينن تي صدقو آهي ته جيئن هي ان ڪم جو ڪفارو ٿي وڃي. (الزواجرعن اقتراف الکبائر، باب صلاة الجماعة، الکبيرة الخامسة والثمانون، ۳۱۱/۱)

اَللّٰہُ اَکۡبَر! مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته! اسان جي بزرگن جي ويجهو جماعت جي ڪيتري قدر اهميت هئي، انهن جي ويجهو مال ۽ اولاد ضايع ٿي وڃڻ کان وڏي مصيبت نمازِ باجماعت جو ڇڏجي وڃڻ هو.

## مسجد ڀريو تحريڪ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي سُنتن ڀري مدني تحريڪ آهي ۽ چاهي ٿي ته ڪهڙي طرح اُمتِ مسلمه جو ٻچو ٻچو پڪو نمازي بڻجي وڃي. اچو ته! اسان سڀ ملي ڪري ان نيڪ ڪم ۾ دعوتِ اسلامي سان تعاون ڪريون، خود به نمازِ باجماعت جي پابندي ڪريون ۽ ٻين کي نمازي بڻائڻ جي مهم ۾ تيز کان تيز تر ڪري ڇڏيون، جڏهن به نمازِ باجماعت جي لاءِ مسجد طرف وڃڻ لڳون، اميرِ اهلسُنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي عطا ڪيل 72 **مدني انعامات** مان مدني انعام نمبر 2 تي عمل جي نيت سان ٻين کي باجماعت نماز جي ترغيب ڏياري ڪري گڏ وٺي وڃون.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان جي ڪري هڪ به نمازي بڻجي ويو ته جيستائين اهو نمازون پڙهندو رهندو ان جي هر هر نماز جو اسان کي ثواب ملندو رهندو، نه ته گهٽ ۾ گهٽ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو ثواب ته ضرور هٿ ايندو. جنهن کي صحيح طور تي نماز پڙهڻ نه اچي



www.dawateislami.net

ان کي نماز سيکاريو. نماز، وضوء غسل جا مسئلا ۽ سنتون سکڻ جي لاءِ عشاء کان پوءِ کم و بيش 40 منٽن جي دعوتِ اسلامي جي مدرسة المدينہ (بالغان) ۾ داخلا ونو، ان ۾ خود بہ قرآنِ ڪريم سکو ۽ ٻين کي بہ سيکاريو. اسان کان سکڻ وارو جڏهن تلاوت ڪندو، اسان کي بہ ان جي تلاوت ڪرڻ جو ثواب ملندو رهندو. اسان بہ سُنتن تي عمل ڪريون ۽ ٻين کي بہ ان تي آماده ڪرڻ جي ڪوشش جاري رکون. علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت ۽ مدني قافلن ۾ سُنتن ڀرئي سفر جي ذريعي پنهنجي ۽ ٻين جي اصلاح جي زوردار مهم هلائي ڪري مسلمانن کي "**نيڪ**" بنائڻ جي "**مشين**" بڻجي وڃون، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ثواب جو خزانو حاصل ٿيندو ۽ ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ٿي ويندو.

اَلْحَمْدُلِلّٰهعَزَّوَجَلَّ شيخ طريقت، اَميرِ اهلسُنّت، بانيِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامه مولانا ابُو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن مسلمانن جي خيرخواهي ۽ انهن کي باجماعت نماز پڙهڻ جو عادي بنائڻ جي جذبي جي تحت ان پُرفتن دور ۾ آساني سان نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي طريقن تي مشتمل، شريعت ۽ طريقت جي جامع مجموعي "**مدني انعامات**" مان هڪ مدني انعام هي بہ عطا فرمايو تہ "**ڇا اڄ توهان پنج نمازون مسجد جي پهرين صف ۾ تڪبيرِ اوليٰ سان گڏ باجماعت ادا فرمايون؟ گڏوگڏ هر ڀيري ڪنهن هڪ کي پاڻ سان گڏ مسجد ۾ وٺي وڃڻ جي ڪوشش فرمائي؟**"

جيڪڏهن اسان مان هر هڪ نمازي اسلامي ڀاءُ ان مدني انعام جو عامل بڻجي وڃي تہ اهو ڏينهن پَري ناهي جو جڏهن اسان جون مسجدن ۾ نمازين جي بهارون اچي وينديون. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ



www.dawateislami.net

اتي اها ڳالهہ ذهن نشين رهي تہ تڪبيرِ اُوليٰ پهرين تڪبير کي چوندا آهن، ان کي تڪبيرِ تحريمہ بہ چيو ويندو آهي، ان جو ثواب حاصل ڪرڻ ۾ اسان جي لاءِ هڪ رعايت هي بہ موجود آهي تہ پهرين رڪعت جو رڪوع بہ جيڪڏهن امام سان گڏ ملي ويو تہ اسان کي تڪبيرِ اُوليٰ جو ثواب ملي ويندو.

(الفتاوي الهندية، ج ۱، ص ٦٩. بهارِشريعت،ج۱،حصه۳، ص ۵۰۹)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## جماعت سان نماز پڙهڻ جون حڪمتون ۽ فائدا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جماعت سان نماز پڙهڻ جي عادت بڻايون ۽ پابندي سان باجماعت نماز ادا ڪرڻ جو معمول بڻايون. جڏهن نماز جو وقت ٿي وڃي، پنهنجا سڀ ڪم ڪار ڇڏي باجماعت نماز ادا ڪرڻ جي لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿي وڃون! باجماعت نماز ادا ڪرڻ جون بي شمار حڪمتون آهن. مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان سوال قائم ڪن ٿا تہ نماز جماعت سان ڇو پڙهي ويندي آهي، ان ۾ ڇا حڪمت آهي؟ مسجد ۾ حاضري ڇو ڏني ويندي آهي؟ پوءِ ان جو جواب ڏيندي پاڻ ئي ارشاد فرمائن ٿا: جماعت ۾ ديني ۽ دنياوي بي شمار حڪمتون آهن، دُنيوي حڪمتون تہ هي آهن تہ جماعت جي برڪت سان قوم ۾ تنظيم رهندي آهي جو مسلمان پنهنجي هر ڪم جي لاءِ امام جيان صدر ۽ امير چوندي ونن، پوءِ امير جي اهڙي اطاعت ڪن، جيئن مقتدي امام جي (ڪندو آهي)، جماعت سان پاڻ ۾ اتفاق وڌندو آهي، روزانہ پنج (5) ڀيرا ملاقات ۽ دعا سلام دل جي عداوت



www.dawateislami.net

پَري ڪندو آهي، قوم ۾ وقت جي پابندي جي عادت پئجي ويندي آهي جو سڀ ماڻهو جماعت جي وقت ڊوڙيندا ايندا آهن، جماعت سان تڪبر ڪرڻ وارن جو تڪبر ٽٽندو آهي جو اتي بادشاهه ڪي غريب سان گڏ بيهڻو پوندو آهي، گڏوگڏ مسجد اسان جي ڪميٽي گهر ۽ دارُ الشُورٰي آهي، جتي جمع ٿي ڪري مسلمان اهم مشورا ڪندا آهن، ڇڻ ته مسجد ۾ روزانه پاڙي جون پنج (5) ڪانفرنسون ٿينديون آهن، ديني فائدا هي آهن ته جيڪڏهن جماعت ۾ ڪنهن هڪ جي نماز قبول ٿي وئي ته سيني جي قبول آهي، جماعت ۾ ڇڻ ته مسلمانن جو وفد بارگاهِ الٰهي ۾ حاضر ٿيندو آهي ۽ ظاهر آهي ته حاڪم وٽ اڪيلي جي مقابلي ۾ وفد جو وڏيڪ احترام هوندو آهي، جماعت ۾ انسان رب جي ڪچهري ۾ وڪيل يعني امام جي ذريعي منٿ ميڙ ڪرائيندو آهي، جنهن سان ڳالهه جو وزن وڏي ويندو آهي، مسجد جي طرف اچڻ وڃڻ ۾ هر قدم تي ڏهه (10) نيڪيون ملنديون آهن، جماعت سان ماڻهو ڪي ديني پيشوائن، عالمن بزرگن جو ادب سيکاريو ويندو آهي.

(رسائل نعيميه (اسرار الاحڪام)،ص٢٨٨،ملتقطاً)

میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت	ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی
میں پڑھتا رہوں سُنّتیں، وَقت ہی پر	ہوں سارے نَوافِل اَدا یاالٰہی
دے شوقِ تلاوت دے ذَوقِ عبادت	رہوں باوُضو میں سَدا یاالٰہی
ہمیشہ نگاہوں کو اپنی جُھکا کر	کروں خاشِعانہ دُعا یاالٰہی

(وسائلِ بخشش،ص:١٠٢)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب!	صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ باجماعت نماز جا فضائل ٻُڌا ته باجماعت نماز پڙهڻ واري کي هر قدم تي نيڪيون، درجات جي بُلندي، گناهن جي مغفرت جهڙيون عظيم سعادتون ملنديون آهن، ڳڇوڳڇ ان جي اهميت ۽ جماعت ڇڏڻ جن وعيدن مان هي به ٻُڌو ته جماعت سان نماز نه پرهڻ وارو فاسق (گنهگار)، مردودالشهادة (جنهن جي گواهي قبول ناهي) آهي، جماعت کي ڇڏڻ واري جي لاءِ اها ئي وعيد ڪافي آهي ته رحمتِ واري آقا ۽ مني مني مصطفٰي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اهڙن جي باري ۾ ارشاد فرمايو: ماڻهو جماعت کي ڇڏڻ کان باز اچي وڃن يا آئون وري انهن جي گهرن کي ساڙي ڇڏيان. ڳڇوڳڇ جماعتِ اوليٰ جي پابندي ڪرڻ واري جو خاتمو خير سان ٿيندو ۽ جيڪو بغير شرعي مجبوري جي، مسجد جي جماعتِ اوليٰ ڇڏيندو آهي، ان جي لاءِ مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪُفر تي خاتمي جو خوف آهي. تنهن لاءِ اسان کي گهرجي ته الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندا رهون ۽ پنج نمازون باجماعت تڪبيرِ اوليٰ سان گڏ پڙهڻ کي پنهنجو معمول بڻايون نه ته ياد رکو! سياڻي قيامت جي ڏينهن جهنم جو خوفناڪ عذاب برداشت نه ٿي سگهندو. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنج نمازون باجماعت ادا ڪرڻ جي توفيق ادا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## مجلسِ تاجران:

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ باجماعت نماز جي اهميت ٻڌائڻ، سُنتن جي تربيت ۽ نيڪي جي دعوت ڦهلائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي اٽڪل 97 شعبن ۾ ڪم ڪري رهي آهي، انهي مان هڪ شعبو **"مجلسِ تاجران"** به آهي،



www.dawateislami.net

تجارت هڪ اهڙو شعبو آهي جيڪو هر ملڪ ۾ ڪِرنگهي جي هَڏي جي حيثيت رکندو آهي، بلڪ ڪيترن ئي ملڪن جي معشيت جو دارومدار تجارت تي هوندو آهي، پر بدقسمتي سان علمِ دين کان دوري جي سبب اڄ مسلمانن جو هڪ تعداد تجارت جي اسلامي سونهري اصولن تي عمل ڪرڻ کان پري آهي. جڏهن تہ تبليغِ قرآن و سُنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي تحت هڪ مجلس "**مجلسِ تاجران**" جو قيام عمل ۾ آيو، جنهن جو ڪم شعبہء تجارت سان منسلڪ ماڻهن کي تجارت جي متعلق اسلامي تعليمات کان واقف ڪرائڻ آهي، ان ۾ تبليغِ قرآن و سُنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي پيغام کي عام ڪرڻ ۽ انهن کي مدني ماحول سان وابستہ ڪندي، مدني مقصد جي حصول ۽ بازارن ۾ مدني ماحول بنائڻ جي لاءِ مسجد يا ڪنهن بہ مناسب مقام تي درسِ فيضانِ سُنت وغيره ڏيڻ جو اهتمام ڪرڻ آهي، جنهن کي چوڪ درس بہ چيو ويندو آهي. چوڪ درس کان علاوه مختلف وقتن ۾ "**تجارت ڪورسز**" ڪرائڻ جو اهتمام ڪيو ويندو آهي، مدني چينل تي باقاعده "**احڪام تجارت**" جي نالي سان بيانن جي سلسلن جي ترڪيب آهي، الغرض تجارت کي صحيح معنٰي ۾ اسلامي طور طريقن تي مستحڪم ۽ مضبوط ڪرڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي هي مجلس ڪوشش ۾ مصروف آهي.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں

اے دعوتِ اسلامی تری دُھوم مچی ہو



www.dawateislami.net

## 12 مدني ڪم

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مشڪبار مدني ماحول چڱي صحبت فراهم ڪندو آهي، ان مدني ماحول سان وابسته ٿي ڪري لکين ماڻهو گناهن ڀري زندگي کان توبهه ڪري نيڪين ڀري زندگي گذاري رهيا آهن. اچو ته! اسان سڀ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃون ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ حصو وٺڻ وارا بڻجي وڃون. ذيلي حلقي ۾ 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم نمازِ فجر کان پوءِ مدني حلقو به آهي، جنهن ۾ روزانو، ٽي قرآني آيتن جي تلاوت ساڻ **تَرجموڪنزالايمان** ۽ **تفسير خزائنُ العرفان / تفسيرنورُالعرفان / تفسير صِراطُ الجنان**، **درسِ فيضانِ سُنت** (4 صفحات) ۽ **شَجره** قادِريه، رَضَويه، ضيائيه، عطاريه پڙهيو ويندو آهي. ان کان پوءِ **اشراق و چاشت** ۽ **صلوٰة سلام** تي ان جو اختتام ٿيندو آهي.

قرآنِ مجيد پڙهڻ پڙهائڻ ۽ سمجهڻ سمجهائڻ جون وڏيون برڪتون آهن. نبي مڪرَّم، نُورِ مُجسَّم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمانِ مُعَظَّم آهي: حضرتِ سيِّدُنا اَنَس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته رسولِ اڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن شخص قُرآنِ پاڪ سکيو ۽ سيکاريو ۽ جيڪو ڪجهه قُرآن ۾ آهي اُن تي عمل ڪيو، قُرآنِ پاڪ اُن جي شفاعت ڪندو ۽ جنت ۾ گڏ وٺي ويندو.

(تاريخ دمشق لابن عساڪر، ۴۱/۳، اَلمُعجَمُ الڪبِير لِلطَّبَراني، ۱۰/۱۹۸ حديث :۱۰۴۵۰)

هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن شخص قُرآنِ مجيد جي هڪ آيت يا دين جي ڪا سُنت سيکاري قِيامت جي ڏينهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اُن جي لاءِ اهڙو ثواب تيار فرمائيندو جو اُن کان بهتر ثواب ڪنهن جي لاءِ به نه هوندو.

(جمع الجوامع، ۷/۲۸۱، حديث:۲۲۴۵۴) تنهنڪري



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پابنديءَ سان مدني حلقي ۾ شرڪت جي نيت ڪري وٺو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون بي شمار برڪتون نصيب ٿينديون.

## فيشن پرست "مبلغ سُنت" بڻجي ويو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! گناهن جي عادت کان جان ڇڏائڻ، سُنتون اپنائڻ ۽ پنهنجو سينو عشقِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مدينو بنائڻ جي لاءِ، دعوتِ اسلامي جي سدا بهار مدني ماحول سان وابسته رهو. اچو ته! توهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ خوشگوار ۽ مشڪبار مدني بهار توهان جي گوش گذار ڪريان ٿو. جيئن ته اِندور شهر (M.P هند) جي هڪ ماڊرن نوجوان رمضان المبارڪ 1426ھ جي آخري ڏهاڪي جو تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوت اسلامي** جي طرفان ٿيندڙ اجتماعي اعتڪاف ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي. دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۽ عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿيو، چهري تي ڏاڙهي جون بهارون مسڪرائڻ لڳيون ۽ مٿو سائي عمامي شريف سان سجائي ورتو، هتو هٿ 12 ڏينهن جي لاءِ سُنتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويو. خوب مدني رنگ چڙهي ويو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مبلغِ دعوتِ اسلامي بڻجي ويو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تحرير لکڻ وقت پنهنجي شهر ۾ حلقه مشاورت جي نگران جي حيثيت سان مدني ڪمن جون ڌومون مچائي رهيو آهي.

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تری دُھوم مچی ہو



www.dawateislami.net

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (اِبنِ عَساکر ج۹ص۳۴۳)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

اچو تہ! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسُنت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ جي رسالي ”163 مدني گُل“ مان پاڻي پيئڻ جا ڪجھ مدني گُل ٻُڌون ٿا:

ٻہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ❁ اُٺ وانگر هڪ ئي ساهي ۾ نہ پيو، بلڪ ٻہ يا ٽي ڀيرا (ساهہ ڪٽي) پيئو ۽ پيئڻ کان اڳ ۾ بِسْمِ الله پڙهو ۽ پيئڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُلِلّٰه چوندا ڪريو. (سنن ترمذي ج 3 ص 352 حديث 1892) ❁ نبيِّ اَڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٿانوءَ ۾ساهہ ڪڍڻ يا ڦوڪ ڏيڻ کان منع فرمايو آهي. (سنن ابي داؤد ج 3 ص 474 حديث 3728) مُفَسّر شَهير، حڪيمُ الأُمت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحمَۃُ الْحَنّان هن حديث شريف تحت فرمائن ٿا: ٿانوءَ ۾ ساهہ ڪڍڻ جانورن جو ڪم آهي، ۽ ساهہ ڪڏهن زهريلو پڻ هوندو آهي انهي ڪري ٿانوءَ مان وات پري ڪري ساهہ ڪڍو (يعني ساهہ ڪڍڻ مهل گلاس جدا ڪيو) گرم کير يا چانهہ کي ڦوڪن سان ٿڌو نہ ڪيو بلڪ



www.dawateislami.net

ڪجهه دير صبر ڪري ڪجهه ٿڌي ٿيڻ تي پيئو (مراٰة ج 6 ص 77) البتہ دُرود پاڪ وغيره پڙهي شِفا جي نيّت سان دم ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي ❁ پيئڻ کان پهرين بِسۡمِ الله پڙهو ❁ چوسي ڪري ننڍا ننڍا ڍُڪ پريو، وڏا ڍُڪ ڀرڻ سان جگر جي بيماري پيدا ٿيندي آهي ❁ پاڻي ٽن ساهين ۾ پيئو ❁ ساڄي هٿ سان ۽ ويهي پاڻي پيئو ❁ پيئڻ کان پهرين ڏسو تہ پيئڻ جي ٿانوءَ ۾ ڪا نقصان واري شيءِ وغيره تہ ناهي (اتحاف السادة للزبيدي ج 5 ص 594) ❁ پاڻي پيئڻ کان پوءِ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه چئو❁ گلاس ۾ بچيل مسلمان جي اُوبر واري صاف پاڻي کي استعمال جي لائق هجڻ جي باوجود هرويرو اڇلائڻ نہ کپي ❁ منقول آهي: سُؤرُ الۡمُؤمِنِ شِفَاءٌ يعني مسلمان جي اوبر ۾ شِفا آهي. (الفتاويٰ الفقيهة الڪبريٰ لابن حجر الهيتمي ج 4 ص 117، ڪشف الخفاء ج 1 ص 384) ❁ پيئڻ جي ڪجهه گهڙي بعد خالي گلاس کي ڏسندا تہ ان جي ديوارن مان ڪجهه قطرا هيٺ جمع ٿي چڪا هوندا انهن کي بہ پي ڇڏيو.

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتين اور آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

آؤ مدنی قافلے میں ہم کریں مل کر سفر
سُنّتیں سیکھیں گے اس میں اِنْ شَآءَاللہ سر بسر
تیس تیس اور بارہ بارہ دن کے مدنی قافلے
میں سفر کرتے رہو جب بھی تمہیں موقع ملے

صَلُّوا عَلَي الۡحَبِيۡب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (5)ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِی کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

---

1 ...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

2 ... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

3 ...افضل الصلوات علی سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149



www.dawateislami.net

## (6)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي ڪري صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[1]

## (7) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

**شافع امم** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن جو** فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هيئن درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

---

[1]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[2]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net

## (2) هر رات عبادت ۾ گذارڻ جو آسان نسخو

غرائب القرآن صفحه 187 تي هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي ته جيڪو شخص رات ۾ ٽي ڀيرا هي دعا پڙهندو ته ان جڻ شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو لهٰذا هر رات هي دعا پڙهڻ گهرجي. دعا هي آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

"يعني خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي."

(فيضانِ سنّت ج اوّل، ص 1163، 1164)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net